# ڪُئيءَ جي شادي

گنگا نديءَ جي ڪِناري، تپودن نالي هِڪُ براهمَڻُ رَهَندو هو. هُنَ پنهنجي يوگ، ڌِيان، سَماڌيءَ ذريعي ڪيتريوُن شڪتيون حاصُل ڪيون هيُون . هِڪَ ڏينهن مَهِرشي تپودَن سَنانُ ڪري نَديءَ مان ٻاهِر نِڪري رهيو هو جو اَچانڪ بازَ جي چنبي مان ڇُٽَل ننڍِڙي ڪُئي اَچي سَندسِ هَٿَنِ ۾ڪري. ڪُئيءَ جي حالت ڏِسي ڪيسِ دَيا اَچي ويئي. هُن پنهِنجي شَڪِتيءَ سان ڪُئيءَ کي هِڪَ بيحد سُندَر ڪَنيا ٺَاهي ڇَڏِيو. هوُ هُنکي پنهنجي پتنيءَ وٽِ وٺي آيو، کين ڪوئي ٻار ٻچو ڪونہ هو. هوُ اُنَ ڪَنيا کي پنهنجي ڌيءَ سَمجهي پالَڻَ لڳا. مَهاتِما جي پَتني ڪَنيا جو نالو رُوپوَتي رَکيو. رُوپوَتي جَڏهن جوان ٿي تہ اُن جي وِواهَ لاءِ ڇوڪري جي ڳُولِها ڪَرَڻَ لڳا، هُنن سوچيو ڇوڪري ۾ سَت گُڻَ هُئَڻِ گُپَنِ، هوُ اُچي ڪُل جو، سُٺي سُڀاءَ جو، سَندسِ سِرَ تي ماتا پِتا جوڇَٽُ هُئَڻِ گُهرجي، وِدوان، شاهوُڪار ،صِحَت مند ۽ هِڪَ جيتري عُمروارو پِڻُ هُئَڻِ گُهرجي.

اُنهن سَيني ڳالِهيُن جو ڌِيانِ رَکي مَهرشي تپودن سوُريَہ ديو کي نينڊَ ڏيئي پاڻَ وٽِ گُهرايو. کيس نِمرِتا سان چيائين، " تو جهڙي وَرَ سان وِواهَ ڪري مُنهنجي ڌيءُ ڀاڳوان ٿِيجي پوندي. سوُريہ ديو نِهنائيءَ سان مَهِرشيءَ کي چيو تہ پهرِين توهان پنهنجي ڌيءُ کان پُڇو تہ هوءَ مون جهڙي پَرِنڊڙ گولي سان هوُءَ وِواهَ ڪَرَڻَ لاءِ هوءَ تيار آهي يا نہ؟ رُوپوَتي سان جَڏهن اُن وِواهَ جي باري ۾ ڳالِهِ ڪئي ويئي تہ هُن سوُريَہ ديوَ سان وِواهَ ڪَرَڻَ کان اِنڪار ڪري ڇَڏِيو. تَڏهن مَهرشيءَ سوُريہ ديو کي ٻيو ڀِهتَرِ وَرَ ڏِسڻَ لاءِ عَرضُ ڪيو. سوريہ ديو مَهِرشي کي ٻڌايو تہ بادل موُن کان ٻہِ ڀِهتَرِ آهي جو تہ موُنکي ٻہِ ڍَڪي ڇَڏَڻَ جي اُن ۾ شڪتي آهي.

مَهِرشي جَڏهِن اُن باري ۾ بادَل سان ڳالهہ ڪئي تہ بادَل مَهِرشيءَ کي چيو،

" توهان موُنکي پَنهنجي ڪَنيا لاءِ ڀِهتَرِ جو سَمجهو؟"

مَهِرشيءَ جواب ڏنو، " جو تہ توکي سوُريَہ ديو جي تيجَ کي ٻہِ ڍَڪي ڇَڏَڻَ جي توهِ شَڪِتي آهي." بادَل مشڪندي چيو، " اِن باري ۾ توهان کي پنهنجي نياٽي جي راءِ جاڻَڻ کپي!"

رُوپوَتي کان جڏهن اُن سَنبَنڌَ جي باري ۾ پڇيو ويو تہ هُنَ اِنڪار ڪَري ڇَڏِيو.

تڏهن بادل مَهِرشي کي صَلاح ڏيندي چيو،"مونکان ٻہ وڌيڪ شڪتيِشالي آهي وايوُديو جيڪو پَلَ ۾ مونکي ڪِٿان جو ڪِٿي اُڏائي وٺي ويندو آهي."

مَهِرشي بعد ۾وايوُديو کي نيندَ ڏيئي پاڻَ وَٽِ گُهرايو ۽ اُن سان پنهنجي ڪَنيا لاءِ وِواهَ بابتِ ڳالِهِ ڪيائين. پَرَ رُوپوَتي اُن سان ٻہِ وِواهَ ڪَرَڻَ کان اُهو چَئي اِنڪار ڪيوتہ وايوُديو جي رَفتارَ بيحدِ تيزِ آهي جنهن سان گڏُ هَلَڻِ مُشڪُل ئي نہ پَرِ ناممڪِن آهي.


12B/2 Jethi K. Sipahimalani Soc., Mahim, Mumbai 400016, India 0091 22 24464941/ 9821473200
www.sindhisangat.com, www.sindhisaathi.org, www.sindhisangat.tv, info@sindhisangat.com

وايُوديو مَهِرشيءَ کي نِراسِ ٿيندي ڏِسي عَرِضُ کَيو، ”مُونکان بِہ وَڌِيکَ شڪتِيوان آهي پَرِبَتِ، جنهن وَٽِ مونکي روڪڻ جي بہِ شڪتي آهي.“ مَهِرشيءَ جڏهن پَرِبَتِ سان وِواهَ بابتِ پنهنجيِ ڪنيا سان ڳالهہ ٻول ڪئي تہ اُن سان بہِ وِواهَ ڪرڻ کان اُنکان انڪار ڪندي چيو تہ پَرِبَتِ بيحد ڪنورءِ اِچل آهي.

رُوُپوَتي جي اها ڳالهہ ٻڌي پَرِبَتِ راجا وَراڻِيو ، توهانجي ڪَنِيا جي ڳالِهہ سَچيِ آهي. مَهِرشي پَرَ مان توهان کي ٻُڌايان تَہ مُونکان بہ شڪتيِشالي ڪوُئو آهي جيڪو مُنهنجي سَرِيرَ ۾ پِڻُ سوراخُ ڪَري مُونکي پَريشانِ ڪندو رَهَندو آهي.

پَرِبَتِ راج جي وَجڻ بعد مَهِرشيءَ ڪوُئوراج کي نيِندَ ڏيئي گُهرايو جَنهِن کي ڏِسندي ئي رُوُپوَتي نينگَ ٽِپا ڏِيڻَ لَڳِي ۽ مَهِرشيِ کي چَيائِين تَہ پَتاشِري اِهو ئي مُنهنجي لائِقِ وَرُ آهي.

مان اِن سان ئيِ وِواهَ ڪَندَسِ. مَهِرشيءَ وِيچارُ ڪَيوتَہ هوُ ڏيءَ جي موهَ ۾ ڦاسيِ اِهو وِساري وينو هو تہَ رُوُپوَتيِءَ کي هنَ ڪُئيءَ مان سُندر ڪَنِيا ٺَاهيو هو. مُشڪَندي هُنَ رُوُپوَتيِءَ کي وريِ ڪُئيِ ٺاهي سندس وِواهہ ڪوُئا راج سان ڪَرايو.

هِنَ ڪَهاڻيِءَ جو سار آهي، ”هَرِ ڪَنهن ۾ پَنهِنجي ذات لاءِ آڪرشَڻَ ۽ آتِميِئتا هوُندي آهي.“